محمد قاسم راڄپر

# سنڌي لوڪ ناٽڪن جو تاريخي جائزو


## Abstract:

*Folk drama is noncommercial, generally rural theater and pageantry based on folk traditions and local history. This form of drama is common throughout the world, declined in popularity in the West with the advent of printing, general literacy, and the increasing emphasis on the individual contribution to the drama of playwright, director, and actors. Folk drama is still played in some south Asian countries.*

*Sindhi Folklore is the folk tradition which has developed in Sindh over a number of centuries. Sindh abounds with folklore, in all forms and colors. There were many traditional Sindhi folk dramas through the centuries i.e. Sang, Manazra, Das aen bayan, hero, ram lela, ras lela, bhgat, chownki etc. After the development of new ways of communication and entertainment the traditional Sindhi drama is rare in rural areas of Sindh.*


**سنڌي** ناٽڪ جي شروعات جي سلسلي ۾ اسان وٽ ٻہ رايا آهن: هڪ اهو تہ سنڌ ۾ ناٽڪ جو فن اوائلي دؤر کان موجود آهي، جنهن جي شروعات موهن جي دڙي کان ٿي، ٻي راءِ هيءَ آهي تہ سنڌي ۾ ناٽڪ جو بڻ بنياد يوناني ۽ سنسڪرت ڊرامو آهي. عام راءِ اها آهي تہ سنڌ جو لوڪ ادب ئي سنڌي ناٽڪ جي شروعاتي شڪل آهي ۽ سنڌ جي قديم تاريخي، توڙي نيم تاريخي قصن کي سنڌ جي ڀٽن، چارڻن ۽ منگتن ۽ مڱڻهارن ڳائي وڄائي، ٻڌائي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ڪيو آهي. آڳاٽي دور ۾ لوڪ ادب جا اهي سفير هڪ قسم جا گشتي ڪتب خانا هئا، جن پنهنجي ڏاهپ کي نسل در نسل منتقل ڪيو.

سنڌ ۾ مظاهراتي فن (Performing Art) جون شروعاتي صورتون تہ اسان کي موهن جي دڙي مان مليون آهن، پر ان جي مڪمل کوٽائي نہ ٿيڻ ۽ اتان لڌل سنڌو لکت (Indus Script) نہ پڙهجي سگهڻ ڪري ان ۾ دفن ٿيل سنڌ جي اوائلي تهذيب ۽ ثقافت مڪمل طور تي دنيا آڏو پڌري نہ ٿي سگهي آهي.

سياسي حوالي سان ڏنو وڃي تہ، ”برطانيا ننڍي کنڊ کي ٻن مذهبي گروهن ۾





ورهايو ۽ هندستان ۽ پاڪستان نالي ٻہ جدا ملڪ قائم ڪيا، جن مان هڪ هندن ۽ ٻيو مسلمانن واسطي هو. هن ورهاڱي جو نتيجو اهو ٿيو جو سنڌو سڀيتا جي کوٽائين ۽ کوجنائن جي رفتار ڏاڍي سست ٿي وئي. اسلامي ملڪ کي ’سنڌو سڀيتا‘ جي انهن ماڳن جي کوٽائين ۽ کوجنائن سان ڪوبہ جذباتي لاڙو موجود ڪونہ هو، جيڪي سندس حدن اندر سنڌوءَ جي علائقي ۾ موجود هئا. ان جو اڪيلو ڪارڻ اهو هو تہ اهڙين کوٽائين ۽ کوجنائن وسيلي ننڍي کنڊ جي ثقافتي اصليت نکري نروار ٿيڻ واري هئي، جيڪا ديوين ۽ ديوتائن جي شڪل ۾ هئي.“(1)

سنڌ کي ڪڏهن ثقافت جو هندورو سڏيو ويو آهي تہ ڪڏهن وري ان کي مذهبن جي ماءُ سڏيو ويو آهي، جنهن ماءُ سمورن مذهبن کي جنم ڏنو هجي، اها ثقافتي طور ڪيتري خوشحال هوندي، اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي. ”هيءَ اها جنت هئي جت ڪو بک نہ مرندو هو، جتي انسان جي ذهن تان ڏک ۽ ڳڻتي ميسارڻ لاءِ ناچ، سنگيت، نقاشي، بت تراشي ۽ ماکيءَ مان ٺهيل مڌ موجود هئا،......جنهن ۾ مذهب جي نالي تي تنگدلي ۽ خونريزي وڏي ۾ وڏو گناهہ هو، .... اها هئي موهن جي دڙي جي سنڌ ۽ سميري، سامي، بابلي ۽ مصري اُن سنڌ جي نالي جي مالا جپيندا هئا، ان سنڌ ۾ پنهنجي تمدن کي شاهوڪار ڪرڻ لاءِ اديبن ۽ فنڪارن جي مرحبا ٿيندي هئي.“(2)

جيڪڏهن اسان عربن جي ڪاهہ کان اڳ ۽ پوءِ واري سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي نظر ڊوڙائينداسين تہ سنڌ انهن ٻنهي حوالن سان تمام گهڻي خوشحال نظر اچي ٿي ۽ شايد اهوئي سبب هو جو عربن سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڪاهون ڪيون ۽ نيٺ ڪين محمد بن قاسم جي قيادت ۾ فتح حاصل ٿي. سنڌ ۾ لطيف فن جا آڳاٽا نمونا اسان کي موهن جي دڙي جي کوٽائي مان تہ ملن ٿا، پر محققن جو خيال آهي تہ مصر ۽ سمير جي تهذيب تي بہ سنڌو ماٿريءَ جو واضح اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌ ۾ فن ۽ هنر کي هميشہ اهميت حاصل رهي آهي.

” اهو هو فنون لطيفہ جو دؤر جيڪو هزارها ورهيہ قائم رهيو ۽ ان وچ ۾ ڪيترائي ڌاريا ڪاهون ڪري آيا، يوناني، ايراني، سٿيا وغيره، پر اهو فني ماحول ختم نہ ٿيو،پر جڏهن عرب فاتح ٿي (سنڌ ۾) داخل ٿيا، تڏهن هنن ناهڻ بدران ڊاهڻ شروع ڪيو، اُن ۾ عربن جو ڪو ڏوهہ ڪونہ هو، هو تہ پنهنجي اُن وقت جي تمدني سطح کان مجبور هئا.“ (3)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عرب مذهبي بنيادن سبب بت تراشيءَ کي ڏوهه سمجهندا هئا. تنهن ڪري انهن سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ بت پرستي، سنگتراشي ۽ ٻين اهڙن فنن کي مڪمل طور تي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ ريت موهن جي دڙي ۾ جنهن لطيف فن خاص طور تي ناچ، مصوري، چٽسالي ۽ بت تراشيءَ جنم ورتو هو، ان کي سنڌ ۾ مذهب جي بنياد تي حرام قرار ڏئي هميشه لاءِ ختم ڪيو ويو. ”جهڙو حال تاتارين بغداد سان ڪيو، سڪندر ايرانين سان ڪيو، اهڙو حال عربن ايران ۽ سنڌ سان ڪيو. پر هت رڳو اها حقيقت ظاهر ڪرڻي هئي ته فنون لطيفه کي ختم ڪرڻ ۾ عربن گهٽي ۾ گهٽي ڪوشش ڪئي، ۽ اهو هنن پنهنجي اوائلي زماني ۾ مذهبي فرض ٿي سمجهيو ۽ هر حملي آور قوم ايئن ڪيو آهي.“(4)

اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو ته جنهن قوم جي ٻولي ايتري شاهوڪار هجي، جنهن وٽ پنهجي شاندار تهذيب، تمدن ، ثقافتي ورثو ۽ لوڪ ڏاهپ هجي، ان وٽ پنهنجو ناٽڪ نه هجي ۽ ٻين ڏيهي يا پرڏيهي ٻولين وسيلي آيو هجي. ”ڪلاسيڪي سنسڪرت واري دور ۾ جيڪي ناٽڪ لکيا ويا، انهن مان پتو پوي ٿو ته ان وقت جي ادب ۾ جيتوڻيڪ سنسڪرت ئي ادبي ذريعو رهي، پر انهن ساڳين ناٽڪن ۾ سنسڪرت سان گڏ پراڪرتن جا ڪيترائي جملا ڪي ڪردار ڳالهائين ٿا......اهو ته ڌارين جي حملن، سنڌن تباهڪارين ۽ علم ادب جا ڪتاب ساڙي برباد ڪري ڇڏيا، نه ته اڄ سنڌيءَ لاءِ جيڪي مفروضا قائم ڪيا ويا آهن، انهن جي ڪا ضرورت نه رهي ها. ائين ته نه ٿو ٿي سگهي ته هندستان جي باقي پراڪرتن ۾ علم، ادب، ناٽڪ، گرامر، لغتون، ويندي جنسيات تي ڪتاب چوٿين صدي ق.م کان 12 صدي عيسوي تائين ملن ٿا ۽ صرف سنڌ اهڙو علائقو هو، جنهن ۾ ان قسم جو ڪو علم ادب مور ڪو پيدا ڪونه ٿيو.“(5)

نثر جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ سڄي دنيا ۾ ’ڊرامي‘ جي صنف تي وڏيڪ طبع آزمائي ڪئي وئي آهي. ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته دنيا جي هر قوم ۾ ڊرامي جي روايت موجود آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته هر ملڪ يا علائقي جو ناٽڪ يا ڊرامو ٻين کان ٿورو يا گهڻو مختلف ضرور آهي.

سنڌي ناٽڪ نويسيءَ جي تاريخ تي منگها رام ملڪاڻيءَ بنيادي ڪم ڪيو آهي، سنڌس ڪم کي سنڌ ۾ ڊاڪٽر يوسف پنهورءِ ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ ۽ هند ۾





ڊاڪٽر پريم پرڪاش ۽ ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻيءَ اڳتي وڌايو آهي. مٿين محققن جي راءِ گهٽي ياگي ساڳي آهي ته سنڌ ۾ جديد ڊرامو 19 صديءَ ۾ آيو، پر سنڌ ۾ تفريح لاءِ ڌار ڌارصنفون موجود رهيون آهن، جيڪي ڊرامو ته ناهن، پر ان سان ملندڙ جُلندڙ آهن. ناٽڪ جي قدامت بابت تحقيق وقت سنڌي ٻوليءَ سان ان جي ڳانڍاپي جو خيال نه رکيو ويو آهي. ٻولي ۽ ساهت پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، ساهت جو دارومدار ٻوليءَ تي ۽ ٻوليءَ جو دارو مدار لوڪن تي آهي.

جيئن سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت مختلف نظريا آهن، تيئن سنڌي ناٽڪ جي بڻ بنياد بابت به مختلف رايا آهن. سنڌي ٻولي سنسڪرت ڄائي آهي، واري نظرئي جا حامي محقق سنڌي ناٽڪ جو بڻ بنياد سنسڪرتي ناٽڪن کي قرار ڏين ٿا، پر ان جي ابتڙ هڪ ٻي راءِ به آهي ته، ”سنڌ ۾ ناٽڪي فن موهن جي دڙي واري دور جو آهي“، جنهن لاءِ سڀ کان وڏي ثابتي ناچڻيءَ جو مجسمو ڏني وڃي ٿي.

ڊاڪٽر غلام قادر سومري ان سلسلي ۾ لکيو آهي ته : ” محققن جي راءِ آهي ته سڀ کان اول ڊرامو قديم برصغير هند و پاڪ ۾ تيار ٿيو، جنهن جا اهڃاڻ اسان کي موهن جي دڙي جي 5 هزار سال قديم تهذيب جي کوٽيل نشانين مان هڪ ’ناچڻيءَ‘ جي پتلي لڌي آهي، جنهن مان انومان ملي ٿو ته راڳ ۽ ناچ جي مدد سان ڊرامي تي اوائلي تجربا ڪيا ويا.“(6)

## ’ ناٽڪ‘ جي لغوي معنيٰ:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊرامي لاءِ قديم دؤر کان ’ ناٽڪ‘ لفظ استعمال ٿيندو رهيوآهي، جنهن جي معنيٰ بلڪل جديد ڊرامي واري آهي. بلڪل ائين چئجي ته ’ناٽڪ‘ لفظ ۾ قديم سنڌي ڊرامي ۽ ان سان لاڳاپيل اصطلاحن جو مفهوم به اچي وڃي ٿو. ’ ناٽڪ‘ جديد ڊرامي جي ڀيٽ ۾، وڏي تاريخ ۽ تشريح رکي ٿو.

ڊاڪٽر عبد الڪريم سنديلي جي لغت موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ ناٽڪ لفظ ’نٽ‘ پراڪرت وسيلي ۽ ’ ناٽيه‘ سنسڪرت وسيلي آيو، نٽ (سنسڪرت) جو مطلب نچڻ آهي، پر هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته موهن جي دڙي جا ماڻهو جنهن نرتڪيءَ جو نرت ڏسندا هئا، اهي ان نرت کي ڪنهن نالي سان ضرور سڏيندا هوندا. ان جو جواب ان ڪري به نه ملي سگهيو آهي، جو موهن جي دڙي جي لکت اڃا تائين پڙهي ئي نه وئي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي. جيڪڏهن موهن جي دڙي جي لکت پڙهجي وڃي ها ته اسان کي پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت بابت گهڻن ئي سوالن جا جواب ملي وڃن ها. ’ نٽ‘ يا ’ ناٽيه‘ جي سنسڪرت ۽ پراڪرت هئڻ سان اهو نه ٿو چئي سگهجي ته سنڌ ۾ اهو فن سنسڪرت ۽ پراڪرت وسيلي آيو. جديد تحقيق مطابق سنڌي ٻولي سنسڪرت کان به قديم آهي، جنهن جا حوالا اسان کي سر گريئرسن، سراج الحق ميمڻ، اي. ڪي ڪنائر ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتابن ۾ ملن ٿا.

جڏهن ’لوڪ ناٽڪ‘ ۽ ’مظاهراتي فن‘ جي قدامت تي نظر ڊوڙائجي ٿي ته اسان کي سنڌ ۾ ڏس ۽ بيان، مناظرا، سانگ، ناٽڪي لوڪ گيت، پتلي تماشو، رام ليلائون، راس ليلائون، ڀڳت، چؤنڪي، مسخري ۽ هٽ ناٽ جي فن بابت ڪيترائي مثال ملن ٿا. اهڙيءَ ريت سنڌي ناٽڪ ڪلا وقت سان گڏ ڪيترين ئي منزلون طئي ڪري وقت جي گهرجن کي پورو ڪندي جديد دؤر ۾ داخل ٿي چڪي آهي. اڄ جي سنڌي جديد ڊرامي جون پاڙون ڪنهن نه ڪنهن ريت سنڌ جي قديم ’ لوڪ ناٽڪن‘ ۾ ڪتل نظر اچن ٿيون. سنڌ جي لوڪ ناٽڪن جا اصول ۽ ضابطا پلي لکيل نه آهن، پر اهي هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين منتقل ٿيا آهن. اهي لوڪ ناٽڪ ئي موجوده رنگ منچ جو بنياد آهن. انهن جو دائرو ڪافي وسيع آهي. ” هي منچ بنا ڪنهن ڏيکاوَ، ٺاٺ باٺ جي کليل آسمان هيٺان ٿيندا آهن. لوڪ ناٽڪ لکت ۾ نه پر زباني هوندا آهن. انهن ۾ اداڪاريءَ کان وڌيڪ گفتگو جي اهميت هوندي آهي. لوڪ ناٽڪ بدلجندڙ حالتن ۽ وقت جي تقاضا موجب پنهنجو روپ بدلائيندا رهن ٿا.“(7)

دنيا جي سمورين قومن جي ڪلاسيڪي ادب جو بنياد سندن لوڪ ادب ئي رهيو آهي. سنڌ جي لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو تاڃي پيٽو سنڌ جي قديم تاريخ ۾ نظر ايندو. سنڌ ۾ جڏهن وندر جو ڪوبه وسيلو ڪونه هوندو هو تڏهن ملهه راند، ڪوڏي ڪوڏي، گوءِ، ٻيلاڙي، ونجهه وٽي، پکين ۽ جانورن وچ ۾ مختلف مقابلا ڪرائڻ ئي وندر جا مکيه وسيلا هئا، جڏهن ته لوڪ ناٽڪن جا مختلف فن به سنڌ جي ماڻهن کي وندرائڻ لاءِ موجود هئا. انهن مان ڪجهه مکيه لوڪ ناٽڪن جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.





## مناظرا:

سنڌ جي لوڪ ادب جي هڪ نهايت اهم صنف ’مناظرا‘ به آهي، جنهن کي ٻن ڌرين وچ ۾ دليلن سان شاعراڻو يا سگهڙائو جهيڙو به سڏيو ويندو آهي. ڪن مناظرن ۾ وري ٻن مقابلي وارين ڌرين کان سواءِ امين يا فيصلو ڪندڙ جو به ڪردار پيش ڪيو ويندو آهي. مناظري جي فني ترتيب به ناٽڪ جهڙي آهي، جيڪڏهن مناظري کي سنڌ جو قديم ڊرامو سڏجي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. سنڌي مناظرو منظوم ڊرامي جو شروعاتي نمونو آهي. سانگ وانگر مناظرن ۾ عام زندگيءَ تي تنقيد هوندي آهي، پر گڏوگڏ طنز ۽ مزاح جو به خاص خيال رکيو ويندو آهي. اڪثر مناظرا ٻن ڌرين جي وچ ۾ زباني جهيڙا هوندا آهن، جيئن خير شاهه جو چيل ’ٽوپي ۽ پڳ جو جهيڙو‘ مشهور آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته، ”مناظرا، عام سنڌي شاعريءَ جو نج ۽ نادر نمونو آهن، جنهن ۾ اڪثر سنڌ جي ڳوٺاڻن شاعرن پنهنجي ٻهراڙيءَ جي عام زبان ۾، عام فهم موضوعن کي ورجايو آهي، ۽ پنهنجي روزمره جي مشاهدن کي بيان ڪيو آهي. ڪل ۽ خوش طبعي مناظرن جي جان آهن. ٻن ڌُرين جي وچ ۾ مناظرو آهي ته شاعر ٻنهي جي جيتري آهي تيتري بيان ڪري ٿو، ۽ جيڪي ڪيس پرجي اچي ٿو سو چئي ڏئي ٿو.“(8)

سنڌي شاعر پنهنجن ’مناظرن‘ ۾ جن ٻن ڌرين کي آڏو آڻيو بيهارين، سي زندگيءَ جي هر شعبي سان واسطو رکن ٿيون؛ خواهه اهي جاندار هجن يا بيجان يا رڳو حقيقتون ۽ نظريا هجن، پر انهن مڙني کي عام زندگيءَ جي عملي توڙي ذهني وارداتن ۾ وڏو دخل حاصل آهي. ڪي آمهون سامهون ڌريون اهڙيون آهن، جي هڪٻئي جون مخالف يا ضد آهن، ۽ انهن جي وچ ۾ مباحثو هڪ فطري امر آهي؛ ڪن ڌرين کي زندگيءَ جون حالتون ۽ حادثا منهن مقابل ڪرائين ٿا ته ڪي ڌريون وري شاعرن رڳو مزي ۽ ظرافت خاطر پاڻ ۾ اٽڪايون آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مناظرن بابت وڌيڪ لکي ٿو ته : ”مناظرن جو سِتاءُ ساڳي سانگ وارو، يعني ڊرامائي آهي، ڪي مناظرا ڄڻ سانگ آهن، جن ۾ به ڪردار هڪ ٻئي سان مخاطب ٿين ٿا ۽ آخر ۾ ٽيون ڪردار داخل ٿئي ٿو. مناظرا عام سنڌي شاعريءَ جو نج ۽ نادر نمونو آهن. ڪل ۽ خوش طبعي مناظرن جي جان آهي.“(9)

بلوچ صاحب جي ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي، ڊاڪٽر غلام قادر سومرو لکي ٿو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تہ: "سنڌي آڳاٽي لوڪ شاعريءَ ۾ مناظرو اهم صنف آهي، مناظرن ۾ اسان کي طنز ۽ مزاح، هجوَ ۽ هزل جو مواد ملي ٿو."(10)

## ڏس ۽ بيان:

'ڏس' ۽ 'بيان' سنڌي مظاهراتي فن جي قديم شڪل آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ "ڏس ۽ بيان واريون ڪافيون، ڳالهين ڪٿڻ ۽ قصن جي ڳائڻ جي فن جيئن ترقي ڪئي تہ سڄاڻ قصہ خوانن، ڳالهہ ڪٿندي، قصو بيان ڪندي، ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ هڪ ٻہ ڪافيون ڳايون. انهيءَ لاءِ تہ محفل مچي ۽ ڪافين جي ڳائڻ کان پوءِ ڪين ڪجهہ وقت ساهي ملي. جيئن تہ اهي ڪافيون، قصي يا ڳالهہ جي بيان واري محفل جو هڪ باب بنيون، انهيءَ ڪري ڪن هنرمند قصي ڪٿندڙن انهن ڪافين جي ڳائڻ ۾ پڻ ' بيان' ۽ ' ڏس' جي ڪاريگريءَ کي شامل ڪيو. سونو خان لغاري پهريون هنر مند شاعر ۽ قصہ خوان هو، جنهن قصي جي خاص خاص ٽاڻن ۽ اهڃاڻن مطابق ڪافيون جوڙيون."(11)

## سانگ:

سنڌ ۾ سانگ رچائڻ جي روايت قديم آهي. سانگ جي لفظي معنيٰ ' نقل' آهي. سانگ بہ سنڌ جي لوڪ ناٽڪ جو هڪ پراڻو قسم آهي، جنهن ۾ سانگ ڪرڻ وارا اهي صورتون ٺاهي ايندا هئا، جهڙو ڪردار انهن کي ڪرڻو هوندو هو. هُو ڪردار آهر ڳالهائيندا بہ هئا، ڪي ڪردار هلڪڙا تہ ڪي وري چڱن مڙسن وارا ادا ڪندا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب جي ڪتاب 'مناظرا' جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ : "سانگ سنڌ جو ڊرامو آهي، جنهن جي شروعات آڳاٽي وقت کان ٿي. مڱڻهار، پيٽ، شيدي ۽ ٻيا خاص حرفتي ۽ هنرمند گروهہ شادين ۽ محفلن ۾ سانگ وجهندا هئا، جنهن ۾ مختلف ڪردارن جا روپ اختيار ڪري، واقعي يا سماجي منظر جي جيئري جاڳندي تصوير پيش ڪندا هئا، هنرمند عورتون وري عورتن جي مجلس ۾ سانگ وجهنديون هيون، اڃا تائين ڪن جاين تي اهي سانگ رچايا وڃن ٿا."(12)

سانگ جو فن سنڌ جي هندن توڙي مسلمانن ۾ هڪ جيترو مقبول رهيو آهي. سنڌي هندو پنهنجي مذهبي ڏڻن تي گڏوگڏ پنهنجي شادين مرادين تي بہ 'سانگ' جون محفلون مچائيندا هئا، ساڳيءَ ريت سنڌي مسلمانن جي ڪاڄن ۾ سانگ جون محفلون





مچنديون هيون. 'سانگ' سنڌ ۾ ناٽڪي فن جي اوائلي صورتن مان هڪ آهي، جيڪا تفريح جا ٻيا وسيلا ميسر هئڻ سبب هاڻي پوئين پساهن ۾ آهي، پر تنهن هوندي بہ سنڌ جي ڪجهہ حصن ۾ ٿيندڙ شادين مرادين ۾ 'سانگ' رچائڻ جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. ان فن ۾ مردن کان وڌيڪ عورتون ماهر آهن، ٻيو تہ ڪاڄن جي موقعن تي ٻاهر چنن ۾ راڳ ۽ ناچ هئڻ سبب هي فن گهرن اندر عورتن ۾ وڌيڪ مقبول آهي، ان ۾ مڱڻهار شيدياڻيون عورتون پڙُ آهن. جيڪي مختلف ڪردار ڌاري زنانين محفلن ۾ وندر مهيا ڪنديون آهن. ان موقعي تي اهي قدرتي فنڪار عورتون ننڍن ننڍن ٽوٽڪن ۽ چرچن سان گڏ لوڪ گيت بہ ڳائينديون آهن.

"ڪاڄن ۾ مينديءَ رات، جڏهن گهوٽيتيون ڪنواريتن ۾ ميندي ڪٽي وينديون هيون تہ انهيءَ موقعي تي شيدياڻيون مايون لاڏن سان گڏ سانگ بہ رچائينديون هيون. سانگ سنڌي سماج ۾ ناٽڪ جي بنهہ جهوني روايت آهي، جنهن ۾ چار پنج مايون، مختلف ويس ڌاري 'هيرن' ۽ ٻين ٻولن سان کل ٻوڳ جو سامان پيدا ڪنديون هيون.ان ويل گهڻو ڪري گهوٽ ماءُ سندن جملن جي حملن جو شڪار ٿيندي هئي. ڏاڍيون ڏکيون ڳالهيون کل ٻوڳ ۾ چئجي وينديون هيون، پر مجال آهي جو ڪنهن جي پيشانيءَ تي گهنج پئي. سڀ هڪبئي جي خوشيءَ ۾ سرهيون، نہ ڌانهن نہ ميار، نہ ڏاج نہ ڏيپ جي گهر، نہ اجائي چڪ چڪان."(13)

## پُتلي تماشو:

سنڌ ۾ 'پُتلي تماشو' ڪيڏڻ جو رواج آڳاٽي زماني کان وٺي رهيو آهي، جنهن جا آثار اسان کي موهن جي دڙي مان بہ ملن ٿا. پُتليون در اصل اهڙيون مورتون آهن، جن کي ڌاڳي ۽ هٿ جي آڱرين جي مدد سان اهڙي طريقي سان چوريو ويندو آهي، جو اهي ڪنهن انسان يا ٻئي جاندار جو نقل پيش ڪنديون آهن. ان سلسلي ۾ شيخ عزيز لکيو آهي تہ : "هڪ ڳالهہ پُتلين جي تماشي جي بہ آهي، جنهن جو وجود اسان کي ٻہ صديون قبل مسيح ۾ ملي ٿو، ممڪن آهي تہ اهو سلسلو گهڻو اڳ جو هجي، جنهن جا ثبوت موهن جي دڙي ۽ هڙاپا واري تهذيب مان لڌل نڪريءَ جا جڙيل ٻارن جا رانديڪا آهن."(14)

پُتلين وسيلي هر قسم جا قصا پيش ڪيا ويندا آهن. اهي کيل اڄ بہ خاص طور



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تي ٻارن ۾ گھڻو مقبول آهن ۽ ڪيترائي ادارا ٻارن ۾ تعليم جي جاڳرتا لاءِ اهو ذريعو استعمال ڪن ٿا. اهو فن هاڻي گھر گھر ٽي وي ۽ ٻين ونڊري ذريعن جي ڪري ختم ٿي رهيو آهي. اردوءَ ۾ ته اڄ به پُتلي تماشا پيش ٿي رهيا آهن، جنهن ۾ خاص طور تي 'انڪل سرگم' جا پتلي تماشا تمام گھڻا مقبول ٿيا آهن. ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ اهو فن اڄ به عروج تي آهي، اتي ان فن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ' لوڪ ورثو' ۽ ٻيا ادارا موجود آهن. هاڻي اسٽيج سان گڏ ٽي وي تي به پُتلي تماشا پيش ٿين ٿا.

### تماشو:

ڊاڪٽر چيني لالواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ' ناٽڪ ڪلا جو وڪاس' ۾ تماشي ۽ پتلين جي ناچ کي ڌار ڌار فن ڄاڻايو آهي. تماشي بابت هو لکي ٿو ته: '' جيئن اڄ مهاراشٽر پرانت (علائقي) ۾ تماشو بيحد لوڪ پريه (مقبول) آهي. تيئن سنڌ ۾ به 'تماشو' ٿيندو هو. مسلمان اميرن جي شادين جي موقعن تي ڳائڻيون اڇي ڳائينديون نچنديون هيون، جنهن کي 'تماشو' سڏيو ويندو هو. جيوٽي سنڌ جي لوڪ پريه ڳائڪا هوندي هئي، جيڪا ناچ به ڪندي هئي ۽ ڳائيندي به هئي. تماشي ۾ وايون، ڪافيون وغيره ڳايون وينديون هيون. هند جي سنڌين ۾جيتوڻيڪ 'تماشو' موجود ڪونهي، پر اڄ ڪلهه امير سنڌي شادين يا ٻين شُڀ موقعن تي 'سنگيت محفل' ضرور مچائيندا آهن.''(15)

سنڌي جي ٻهراڙين ۾ شادين مرادين ۾ اڄ به ' تماشو' ٿئي ٿو. البت وقت سان گڏ ان ۾ تبديلي ضرور آئي آهي. امير توڙي غريب ان سلسلي ۾ وت ۽ وس آهر خرچ ڪري خوشين کي ٻيڻو ڪن ٿا. سنڌ جي اتر ۽ اولهه وارن علائقن ۾ خاص طور تي چوڪرن جو ناچ به ان سلسلي جي ڪڙي آهي، جڏهن ته امير گهراڻا اڄ به ناچڻيون گهرائين ٿا.

### مسخري:

چرچي يا مسخريءَ جو فن سنڌ ۾ آڳاٽو آهي. ان حوالي سان مسخرن کي به هڪ اهم مقام حاصل آهي. جيڪي اسڪرپٽ، اسٽيج ۽ هدايتڪان سواءِ مسخريءَ فن جو مظاهرو صدين کان ڪري رهيا آهن، اهڙي عمل سان اها ڳالهه چٽي ٿئي ٿي ته سنڌ ۾ ناٽڪ وسيلي صرف ڌرمي پرچار نه، پر ان سان لوڪن کي وندرايو به ويو آهي. هي فن





مختلف صورتون اختيار ڪري اڄ به سنڌ جي اوطاقن، ڪچهرين ۽ ڪاڄن جو اهم حصو بڻيل آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اوطاقون ثقافت جو مرڪز ليکيون وڃن ٿيون. جڏهن هاري ڳاهه ڳاهي ، ڳاهيل ڪري ڦرڪيل يا واٽريل اَن کي ڪنهن امڪاني نقصان کان بچائڻ لاءِ ديرن تي ٿئي وقت گذريندا هئا ته ديرن تي جيڪي محفلون مچنديون هيون ته انهن کي ٻڌڻ لاءِ شوقينن جا ميڙ مچندا هئا. اهڙين ڪچهرين ۾ ڳائڻ وڄائڻ سان گڏ مسخريءَ جي فن جو به مظاهرو ٿيندو هو. ان لاءِ نه ڪا اسٽيج سينگاربي هئي نه ڪو اسڪرپٽ هوندو هو. روايتي طور هر فن جا ماهر اهي ڳوناٽا ڪردار پرهه ڦٽيءَ تائين پيا محفلون وندرائيندا هئا. ان حوالي سان ڊاڪٽر غلام قادر سومرو لکي ٿو ته: '' سنڌ ۾ مسخرن کي هڪ خاص مقام حاصل رهيو آهي، کلڻ کلائڻ جي فن جا هي ماهر سنڌ ۾ ٿيندڙ وهانءُ وڌائڻ ۽ شادي مراديءَ جي موقعن تي پنهنجي زبان درازي يا سوانگ وسيلي مهمانن کي کلائي کلائي ساڻو ڪري وجهندا آهن.''(16)

سنڌ ۾ مزاحيه فن جي قدامت بابت ڊاڪٽر غلام قادر سومرو لکي ٿو ته :

'' سنڌ ۾ مسخرن جو رواج قديم آهي، اڳئين زماني ۾ بادشاهه، راڄ ڏڻي، امير ۽ راجا حڪومت جي ڪاروبار جي بوجهه کي هلڪو ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ زبان دراز، بڪ بڪيا، ظريف، ٺٺ قسم جا ماڻهو، چرچائي، حاضر جواب ۽ مسخرا رکندا هئا، جنهن ڪري سنڌ ۾ مسخريءَ جي فن ڪمال حاصل ڪيو. تحفته الڪرام مان پتو پوي ٿو ته عربن جي وقت کل مسخريءَ جو رواج موجود هو.''(17)

سنڌ ڇائي مغل بادشاهه اڪبر جا نوَ رتن تمام گھڻا مشهور آهن، جيڪي نه رڳو محفل جا مور، پر سندس خاص صلاحڪار به هئا، انهن مان ٽن جو واسطو سنڌ سان هو. '' اڪبر بادشاهه جي درٻار ۾ جيڪي نورتن هئا، انهن مان گهڻن جو تعلق سنڌ سان هيو، بيربل، ملا دوپيازو ۽ تانسين جو تعلق سنڌ جي فتح باغ ' سيوهڻ' علائقي سان هو.''(18)

جڏهن ته ان سلسلي ۾ نورو مسخرو، محمد فقير مسخرو به وڏا ڪردار رهيا آهن. اگڻ مسخرو، پليڏنو مسخرو، قادو شيدي ماتليءَ وارو، خميسو مسخرو، عبدو مسخرو، شهمير شر، ٻڍو مير بحر (هالا)، عرض محمد راڄپر، قادر بخش مگھڻهار عرف قادو مگھڻهار جهرڪن وارو، قاضي الله ورايو، حاجي الله رکيو ۽ يار محمد (ٺنبو قيصر) ، سروٽو فقير راڻي پور وارو، آڇر مسخرو (پڊعيدن وارو)، نٿو کهيري، اسماعيل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شيدي (ماتليءَ وارو)، فيض محمد نظاماڻي ٽنڊو قيصر، محمد خان مسخرو، ٻيڙو فقير، آرو شيدي ۽ ٻيا مسخرا پنهنجي ذات سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ماڻهن کي وندرائيندا رهيا آهن.

اڳاٽي زماني ۾ 'وتايو فقير' سنڌ جو اهڙو ڪردار رهي چڪو آهي، جنهن جا گفتا سنڌ ۾ اڄ به مشهور آهن، سندس ڳالهين ۾ گهرائي هوندي هئي. درويش وتائي فقير جهڙا ڪردار ننڍي ڪنڊ ۾ ورلي ملن ٿا، هن جي گفتن جي شروعات ته 18 صديءَ ۾ ٿي، پر انهن گفتن ۾ سمايل سچ ۽ حق جي ڳالهه ڪيس سدائين لاءِ سنڌ جي درويشن ۽ الله لوڪن جي قطار ۾ آڻي بيهاريو آهي. سندس چرچي تي خلق بي اختيار کلندي هئي. هو پنهنجي دؤر جو وڏو نفسياتي ماهر هو، جيڪو ماڻهن جي نبض ڏسڻ کان سواءِ پنهنجي گفتن وسيلي سندن علاج ڪندو هو. سنڌ جو معروف ڏاهو سراج الحق ميمڻ وتائي فقير کي ساراهيندي لکي ٿو ته : ”وتايو، اسان جي اجتماعي ۽ عوامي ڏاهپ جو اهڃاڻ آهي، جيڪو سلسليوار پنجن هزارن سالن تائين اسان کي جيئڻ جي سگهه ۽ جيئري رهي سگهڻ جو ڏانءُ سيکاريندو رهندو. ان جو صاف سڌو سبب اهو آهي ته وتائي اسان کي پاڻ تي کلڻ، ڪوڙ ۽ دولاب کي ننگو اگهاڙو ڪري، ان تي کلڻ ۽ سچا ٺهڪ ڏيڻ جي ترغيب ڏني آهي.“(19)

## ڀڳت:

سانگ، مناظرن، مسخري، ڏس ۽ بيان سان گڏ ' ڀَڳت' کي به سنڌ ۾ ناٽڪ جو اڳاٽو نمونو چئي سگهجي ٿو. ڀَڳت ڪرڻ وارا مرد هوندا هئا، سندن پيرن ۾ ڇير به ٻڌل هوندي هئي، جنهن جي ڇم ڇم سان محفل جو مزو ٻيڻو ٿي ويندو هو. ڀَڳت جيئن ته نج هندو مظاهراتي فن جو قسم آهي، تنهن ڪري ان جي شروعات ۾ ڀڳتي گيت ڳايو ويندو هو، جنهن کان پوءِ ڪنهن سَنت يا صوفي شاعر جو ڪلام منڍي آواز ۾ ڳاتو ويندو هو، ڳائڻ سان گڏ ڀڳت جهمر به هڻندا هئا. سنڌ جي ان قديم روايت بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته: ”ڀَڳت ڳائڻ سان گڏ نچندا به هئا، نچڻ وقت ڀڳت (وجهڻ) واري پڙ ۾ اڳتي پٺتي هلندا به رهندا هئا، ...... سندن ڪهاڻيءَ جو بياني انداز به موسيقيءَ جي لئي ۾ هوندو هو، جيئن جيئن ڪهاڻي ارتقائي منزلون طئي ڪندي ويندي هئي، تيئن تيئن ڀڳت ڪردارن جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني به ڪندا ويندا هئا.“(20)





اڳاٽي زماني ۾ ڀَڳت هندن جون ڌرمي ڪهاڻيون پيش ڪرڻ جو هڪ ذريعو هو. ڀَڳت گهڻو ڪري جيڪو ڪلام ڳائيندا هئا، اهو به ڌرمي رنگ جو هوندو هو، پر اڳتي هلي ان ۾ نه رڳو هندو مذهبي ڪٿائون پيش ٿيڻ لڳيون، پر مسلمان بزرگن جي چڱين ڳالهين جو ذڪر به ٿيڻ لڳو. ڀَڳت وجهڻ دوران سنڌ جي رومانوي لوڪ داستانن جا قصا به سُر ۽ لئي ۾ نچندي ٻڌايا ويندا هئا. سنڌ صدين کان مذهبي طور روادار رهي آهي تنهن ڪري ڀڳت وجهڻ وارين محفلن ۾ هندن سان گڏ مسلمان به هوندا هئا، اهو مثال شايد ئي دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ملي سگهي. ان قديم سنڌي فن بابت سنڌ جو مشهور اديب لوڪ رام ڏوڏيجا لکي ٿو ته: ”ڀَڳت هڪ نج سنڌي موسيقي فن آهي، جنهن جهڙو مزيدار راڳ ۽ ناچ جو ڍنگ روءِ زمين تي نه ملندو، سنڌڙيءَ جي پيارن، سادن، سودن غريبن لاءِ، جن جي زندگي ڏکن، ڏاکڙن سان ڀريل هئي، اهو ئي هڪ خوشي ۽ وندر جو وسيلو هو.“(21)

اها حقيقت آهي ته سنڌ ۾ 'مظاهراتي فن' جي قدامت ۽ وسعت جي جڏهن ڳالهه ڪجي ٿي ته ان جو هر پاسو منفرد محسوس ٿئي ٿو، نه فقط ننڍي ڪنڊ، پر پري پري تائين ان جهڙو فن نظر نه ٿو اچي. ڀَڳت جي تاجي پيٽي بابت لوڪ رام ڏوڏيجا، پنهنجي آتم ڪهاڻي 'منهنجو وطن منهنجا ماڻهو' ۾ لکي ٿو ته، ” ڀَڳت جي تاجي پيٽي ۾ ڏوهيڙن، بيتن، ڪافين ۽ قصن ذريعي جيڪا اُٽاوت ڪئي ويجي ٿي، اهو ئي سنڌي فن جو اعليٰ نمونو آهي. سدوريءَ سنڌڙيءَ جي اعليٰ تهذيب جو اهو نرالو رنگ ۽ ڍنگ ايامن کان سنڌين جي دلين کي باغ بهار ڪندو رهي ٿو.“(22)

ڀَڳت ۾ ڪا ڪهاڻي، ڪو منظر، ڏي سوال، وٺ جواب جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. سنڌ ۾ اها روايت آڳاٽي آهي ته گهڻا ڀڳت، ڀڳت وجهڻ کان اڳ شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام مان 'سر ڪلياڻ' پرارٿنا (دعا) واري انداز ۾ پيش ڪندا هئا، ڀڳت ۾ راڳ سان گڏ مڪالما به هوندا آهن. سنڌي ناٽڪ جي اوسر جي موضوع تي پي. ايڇ. ڊي. ڪندڙ ڊاڪٽر پريم پرڪاش سنڌ جي ڀَڳت ۽ قديم يوناني ڊرامي جي حوالي سان لکيو آهي ته : ”ڀَڳت کي ڊراما جي ابتدائي صورت سڏي سگهجي ٿو. البت ڀَڳت ۽ قديم يوناني ڊرامي ۾ ڪجهه قدر هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر ائين اتفاقيه ٿيو آهي، نه ته ٻنهي جي ترتيب يا ساخت هڪ ٻئي کان مختلف آهي. ٻنهي قسمن جي تماشن ۾ کليو ميدان منتخب ڪيو ويندو آهي.“(23)

سنڌ ۾ ڀڳت هندو مسلم ايڪتا جو بهترين مثال رهيا آهن. ڀڳت ڪهاڻي اهڙي انداز سان ڪٿندا آهن جو ٻڌندڙ محسوس ڪندو ته سندس آڏو ڪي منظر اچي وڃي رهيا آهن. سنڌ ۾ ڀڳت نارو تمام مشهور ڀڳت رهيو آهي. هن شاهه جي ڪلام کي عوام تائين منفرد انداز ۾ پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.” ڀڳت ناروءَ جا ڳايل مورا تمام لوڪ پريه هئا، پر هو پنهنجي جوڙيدار ٽيڪوءَ سان گڏ ڪويل ڏيپچند ۽ سورٺ داستان پرجوش ۾ ڪٿندو هو. ... صوبو ڀڳت پنهنجو مٽ پاڻ هو. ڀڳت گوئند وڏو ۽ ان ڪانسواءِ جاڙا رام ڀڳت، پرسو ڀڳت، ستو ڀڳت، موٽڻ ڀڳت، ٿهليو ڀڳت، ڀڳت تيرٿ گر، ڀڳت ليلا رام وغيره سنڌ جا ناميارا ڀڳت هئا. .... شمن گڏي اسلامي ۽ هندو واٽيءَ جو ماهر هوندو هو. راڌي ڀڳتياڻي پڻ ڀڳت وجهندي هئي. پيسو مهتازي پڻ افسانه پيش ڪرڻ ۾ ماهر هوندو هو. ڀڳت صرف هندو سنڌين جو ورثو ڪونهي، پر اهو گڏيل هندو مسلم ڀڳتن جو ورثو آهي. الله ڏنو نوناري ۽ خيرو ميراثي مسلمان ڀڳتن به ڪافي شهرت حاصل ڪئي.“ (24)

جن ڀَڳتن پنهنجي سُر ذريعي امن، ڀائيچاري، هندو مسلم اتحاد، پنهجائپ، غريبن جي خدمت ۽ انسان دوستيءَ جو درس ڏئي سچي سنڌ ۾ ناماچاري پيدا ڪئي، انهن جو سر موڙ ڀَڳت ڪنور رام، انگريزن جي پڄاڙڪن ڏهاڙن ۾ سنڌ ۾ ٿورو نفاق جو ٻج ڇٽيو پئي ويو ته هو تڏهن سنڌ ۾ هندو مسلم ايڪتا جو اهڃاڻ هو ۽ ڪيس فقط ان سبب جي ڪري ئي شهيد ڪيو ويو. هو اڄ به ڀڳت جي سڃاڻپ بڻيل آهي. هن مذهب، رنگ، نسل ۽ ذات پات کان مٿاهون ٿي سنڌ جي ماڻهن خاص طور غريبن جي خدمت ڪئي.

## چؤنڪي:

ڀَڳت جي پيٽ ۾ چؤنڪي اڄ به هند توڙي سنڌ جي هندو سنڌين ۾ مقبول آهي. چؤنڪي ڪندڙ صندل مٿان ٽهيل اسٽيج تي ويهي ڳائيندو آهي. چؤنڪيءَ ۾ قصو ڪٿبو آهي. سنڌ ۾ ماستر چندر چؤنڪي ڪندڙن ۾ ٻين کان اڳتي رهيو آهي، جڏهن ته سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻي به ان فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ورهاڱي کان پوءِ رام پنجواڻيءَ جتي مظاهراتي فن جي ٻين وسيلن کي استعمال ڪري هند ۾ سنڌيت جي جوت جلائي، اتي هن چؤنڪيءَ واري مورچي جو به بهترين استعمال





ڪيو. ديپڪ آشا به پاڻ مڃايو، جڏهن ته ڀڳونتي ناواڻي، ڪملا ڪيسواڻي ۽ ڪلا هزاريءَ به هن فن ۾ مشهوري ماڻي. چؤنڪي جي حوالي سان ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ’ناٽڪ ڪلا جو وڪاس‘ ۾ لکيو آهي ته، ” چؤنڪيءَ جو زور پڪڙڻ جو هڪ ٻيو ڪارڻ پڻ آهي، جو ڀڳت جي لوڪ پريته گهٽجي رهي آهي.“(25)

## رام ليلا ۽ راس ليلا:

سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ ۽ پوءِ به ’رام ليلا ‘ ۽ ’راس ليلا ‘جو رواج عام رهيو آهي. سنڌ جي هندن جي اها ڊرامي روايت هندستان جي ٻين حصن وانگر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ صدين کان رائج رهي. هن قسم جي ڌرمي رسمن ۾ ماڻهن جا انبوهه ڪاهجي ايندا هئا. ’رام ليلا ‘ ۾ شري رام چندر ۽ سيتا ماتا جي ڪٿا کي ماڻهن اڳيان پيش ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته ’راس ليلا ‘ ۾ شري ڪرشن مهراج جي جمنا ڪناري تي گوپيچن سان راس رچائڻ جو منظر هوندو آهي.” دسهڙي کان اڳ، ڏهن ڏينهن لاءِ ’رام ليلا ‘ ٿيندي هئي، جنهن ذريعي راجڪمار رامچندر جي زندگيءَ جو اهو باب ڊرامي جي نموني پيش ڪيو ويندو آهي.“ (26) هو اڳتي لکي ٿو ته، ” سنڌي هندن ۾، پنهنجي مذهبي ڏڻن جهڙوڪ: هوليءَ جي واقعي (موقعي) تي ’سانگ‘ ڪڍڻ جو رواج هو. اهڙيءَ ريت ڏياريءَ تي ’رام ليلائون‘ ۽ ساوڻ جي رت (مند) ۾ ’راس ليلائون‘ ڪيندا هئا، جن کي سنڌي ڊرامي جي ابتدا سمجهڻ گهرجي.“(27)

سنڌ ۾ هندن جي مذهبي ڏڻن جي موقعن تي نڪرندڙ رام ليلا ۽ راس ليلا سنڌ ۾ ناٽڪ جي قديمي روايتن مان هڪ اهم روايت آهي، جيڪا سنڌ ۾ وقت ۽ حالتن ۾ ڦير گهير کان پوءِ به هندو مذهب جو حصو رهي آهي، جنهن ۾ ڌرم کان سواءِ سنڌي ثقافت جو به هڪ رنگ نمايان رهيو آهي. سنڌ ۾ سهپ ۽ رواداريءَ سبب نه فقط هندو، پر مسلمان به انهن رسمن ۾ شريڪ ٿي لطف ماڻيندا رهيا آهن. ايامن کان اهو سلسلو سنڌ ۾ اڄ به جاري آهي.

ريڊيو ، ٽيلي ويزن ۽ فلم جي وڌندڙ مقبوليت سبب سنڌ جا اهي روايتي لوڪ ناٽڪ تيزيءَ سان ختم ٿي رهيا آهن، جن کي بچائڻ جي سخت ضرورت آهي. ان لاءِ عوامي سطح تي شعور اجاگر ڪرڻ سان گڏ انهن لوڪ فنن جي سرپرستي به لازمي آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## حوالا


1. ائن مورا، سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو، 'سنڌ ڏرتي مذهبن جي ماءُ'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون 2010ع، ص: 27.
2. سراج، 'سنڌي ٻولي'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، 2009ع، ص: 120.
3. ساڳيو، ص: 129، 130.
4. ساڳيو، ص:131، 132 .
5. ساڳيو، ص: 73.
6. سومرو، غلام قادر، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح'، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2013ع ، ص: 586.
7. لالواڻي، ڄيٺو، 'ناٽڪ ڪلا جو وڪاس'، ڄيٺو لالواڻي پبلشرز، ڪبير نگر، احمد آباد، انڊيا، 1982، ص: 19.
8. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'مناظرا'، سنڌي ادبي بورڊ ، 1961ع، ص: 78.
9. ساڳيو، ص: 78.
10. سومرو، غلام قادر، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح'، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2013ع، ص: 351.
11. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ'، شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو ٻيو، 2003ع، ص: 270.
12. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'مناظرا'، سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع، ص: 19.
13. مرزا، ممتاز، 'سپريان سندي ڳالهڙي'، مهراڻ پبلشرز ڪراچي، ص: 19 ۽ 20.
14. عزيز، شيخ، (مهاڳ) صديقي غلام حيدر، 'نندي ڪنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ'، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع، ص: 9.
15. لالواڻي، ڄيٺو ، 'ناٽڪ ڪلا جو وڪاس'، ڄيٺو لالواڻي پبلشرز، ڪبير نگر احمد آباد، 1982ع ، ص: 14.
16. سومرو، غلام قادر، ڊاڪٽر ، ' سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح'، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2013ع ص: 121.
17. ساڳيو، ص: 242.
18. عقيلي، سرشار فقير، (مضمون)، 'لاڙ جون ڪجهه تاريخي شخصيتون ملان دو پيازو'، روزاني مهراڻ ساليانو نمبر 1957ع، ص: 26.
19. http://www.sindhiadabi board.org/catalogue/Personalties/Book18/Book p. 2.
20. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2006ع، ص: 143.







21. ڏوڙيجا، لوڪ رام، 'منهنجو وطن منهنجا ماڻهو'، سنڌي ساهت گهر، ڇاپو ٽيون، 2007ع، ص: 346.
22. ساڳيو، ص: 347.
23. پرڪاش، پريم، ڊاڪٽر، 'سنڌي ناٽڪ جي اوسر (1880ع کان 1980ع تائين)'، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص: 36
24. لالواڻي، ڄيٺو، 'ناٽڪ ڪلا جو وڪاس'، ڄيٺو لالواڻي پبلشرز، ڪبير نگر احمد آباد، 1982ع، ص:16 ۽ 17.
25. ساڳيو، ص: 18.
26. سومرو، غلام قادر، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح'، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2013ع، ص: 586.
27. ساڳيو، ص: 587.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair